# ۴. گُلزار ڪريون

پڙهو. ڳايو.



اَچو تہ جَڳُہ گلزار ڪريون،
پريتِ پريو وهنوار ڪريون.

مالڪ جي سنتان اَسين سڀ،
سڀ سان پيار ئي پيار ڪريون،.

سرڳہ بڻايون پونءِ جهان جي،
ماتا جو سينگار ڪريون.

پاڻ وَڏون جئن ساري جَڳ کي،
راهہ اُها اِختيار ڪريون.

مانوتا جي مَڌر مُشڪ سان،
روح سدا ٺمتار ڪريون.

**نوان لفظ:**

گلزار = باغ
سنتان = اؤلاد
اِختيار ڪرڻ = اَپنائڻ
مانوتا = اِنسانيت.
پونءِ = ڌرتي،

## اَڀياس

**سوال ۱: هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

۱) اسين جڳہ سان ڪهڙو وهنوار ڪريون؟
۲) اسين سڀ ڪنهنجي سنتان آهيون؟
۳) جَهان کي ڇا بڻايون؟
۴) روح کي ڇا سان ٺمتار ڪريون؟

**سوال ۲: بيت جي آڌار تي سٽون پوريون ڪريو.**

۱) مالڪ جي ---------------------------------------- پيار ڪريون.
۲) پاڻ وڏون ---------------------------------------- اِختيار ڪريون.
۳) مانوتا جي ---------------------------------------- ڪريون.

**سوال ۳: هيٺ ڏنل لفظ جُملن ۾ ڪم آيو.**

پريت، سنتان، سرڳہ، سينگار، مُشڪ، روح

**هدايت:** ماستر شاگردن کي هيءُ بيت اَثرائتي نموني پڙهي ٻُڌائيندو ۽ چوائيندو.

**مشغولي:** ماستر شاگردن کي چوندو تہ ”اَسان کي ماتر ڀومي ۽ لاءِ ڇا ڇا ڪرڻ گهرجي.“ وشيہ تي گهران اَٽ جملا لکي اَچن.

## پورڪ اَڀياس

**(۱) هيٺ ڏنل بيت جي سٽن کي نثري روپ ۾ لکو:-**

۱) ڀاڻ وَڏون جئن ساري جڳہ کي
۲) مالڪ جي سنتان اَسين سڀ
۳) سرڳہ بڻايون ڀونءِ
۴) راهہ اُها اِختيار ڪريون.

**(۲) هيٺ ڏنل ٽڪر ۾ مناسب لفظ چونڊي خال ڀريو:-**

جڳہ، مُشڪ، مٽر، گلزار، ماتا، ڀريت

اَڄ سيتا ڏاڍي خوش هئي.
هڪ --------.. جي مندر ۾ هوءَ
هڪ ------ گيت ڳائڻ واري هئي.
جلدي جلدي تيار ٿي، ڀنهنجي
گهر جي ----- مان گلاب جو گُل پٽي،
منهن تي ------ آڻي،
اُن ------ جي رکوالي کي
ياد ڪري، هوءَ مندر ڏانهن رواني ٿي.

**(۳) بيت مان حاصل ٿيندڙ گهٽ ۾ گهٽ پنجن گڻن بابت لکو:-**

**(۴) هيٺ ڏنل لفظن مان هم آوازي لفظ، ساڳئي اکر سان شروع ٿيندڙ لفظ ۽ هڪ ٻئي جا، اُبتڙ لفظ - اَهڙا جوڙا چونڊي لکو:-**

سرڳہ، جهان، جڳہ، اِختيار
مشڪ، راهہ، ڀيار
نفرت، مِنو، تمنار
گلزار، مانوتا، نرڳہ
واهہ، ڪٿو، روح، خالي، وهنوار

# پاڻ ڪريان - پاڻ سکان

١. هيٺين لفظن جا لاڳاپو رکندڙ لفظ لکو.

مثال:-

وڻ: ٿاري، گل، پن، ميوا، پاڙ، ٿڙ

عمارت

ڪمل جو گل

مائٽ

٢. ڏسو. جاچيو ۽ ٻڌايو:-

٣. ماستر شاگردن کي مومل راڻو ۽ ليلا چنيسر سنڌي لوڪ ڪهاڻيون ٻڌائيندو. ۽ شاگردن کي پنهنجي لفظن ۾ ٻڌائڻ لاءِ چوندو.



**٢. مثال ڏسي خاڪو پوُرو ڪريو.**

**مثال:- ٻن قيمتن واري ڳاڏي - ٻہ قيمتي ڳاڏي.**

| | | | |
|---|---|---|---|
| جتي چار رستا ملندا آهن. | | ماما جو پٽ | |
| جتي ٽي رستا ملندا آهن | | پيٽ جي ڏيءَ | |
| ڏهن سالن جو مُدو | | جيڪو ماڻهوُ کاٻي هٿ سان ڪم ڪري | |
| سؤ سالن جو مُدو | | جنهن شيءِ جي ڌار تيز نہ هُجي | |
| ست ڏينهن | | ماڻهن وچ ۾ ٽيندڙ ڳالهہ ٻولهہ. | |
| گهڻو ڳالهائيندڙ ماڻهوُ | | جنهن شيءِ جي آر پار ڏسي سگهجي. | |

(٣) 'ڏاڙهي' لفظ مان اَکر چوندي نوان لفظ ٺاهي هيٺ ڏنل جملن ۾ ڪم آڻي خال ڀريو.

١) تمام گهڻو ڪم ڪري منهنجو ----- ٿو ڪڙڪي.

٢) چڙ اَياڻپ، ----- ٿيءَ.

٣) ڌوٻيءَ ڪپڙن جي ------ هيٺ رکي.

۴) رام چيو ------ منهنجا ڪتاب آهن.

۵) ڪتي جي ----- ٻڌي ٻار پڄي ويو.

## پرولِيون سليو

(١) ٻاڻيءَ ٻِنُ مان ڪجهہ ٻي ناهيان،
تہ بہ ٻاڻيءَ تي ترندي آهيان.



(٢) جهونو ٽيندو وڃي مَڪانُ،
اندر وينل سدا جوانُ،



(٣) وَڻ تي آهي، پنڇي ناهي؛
ڏاڙهي آهي، قاضي ناهي،
ٻاٽي ڇلڪي، برتن ناهي؛
چمڙ مرڙ تي گهربل آهي.



(۴) ٻينر ٻيئي ٻياريون ٻياريون؛
ساري جڳ کي جاچڻ واريون،
هڪ ٻئي جي پرسان ئي گهارِن؛
مگر تڏهن ٻي ڌار گذارن.



جواب: (١) برف (٢) فوٽو (٣) ناريل (۴) اَکيون